# سنڌ ايڪٽ نمبر **IX**، مجريه **1975**

# SINDH ACT NO.IX OF 1975

# ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق)

# ايڪٽ **1975**

# THE KARACHI MUNICIPAL CORPORATION WATER TAX (VALIDATION) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. پاڻي ٽيڪس جي توسيع

| | |
|---|---|
| | # سنڌ ايڪٽ نمبر IX، مجريه 1975<br># SINDH ACT NO.IX OF 1975<br># ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق) ايڪٽ، 1975<br># THE KARACHI MUNICIPAL CORPORATION WATER TAX (VALIDATION) ACT, 1975 |
| | [15 اپريل 1975]<br>ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان چارج ڪيل، جمع ڪيل يا ڇاٽايل پاڻي ٽيڪس جي توثيق لاءِ هڪ ايڪٽ |
| تمهيد | جيئن ته ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ايريا ۾ چارج ڪيل، جمع ڪيل يا ڇاٽايل پاڻي ٽيڪس جي توسيع ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.<br>اهو هيئين ريت عمل ۾ آندو ويندو. |
| مختصر عنوان ۽ شروعات | 1. (1) اهو ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن پاڻي ٽيڪس (توثيق) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.<br>(2) اهو فوري طور عمل ۾ آندو ويندو. |
| پاڻي ٽيڪس جي توسيع | 2. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ايريا ۾ پهرين نومبر 1949 کان 30 جون 1972 تائين چارج ڪيل، جمع ڪيل يا ڇاٽايل پاڻي ٽيڪس ڪنهن قانون يا فيصلي، حڪم يا عدالت جي ڊڪري باوجود باضابطه طور چارج ڪيل، جمع ڪيل يا ڇاٽايل سمجهيو ويندو، جيئن ڪيس هجي. |

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.